پڪا چانگ ويجهو ڪنڀيل نوجوان جي گرفتاري ايڪتا ريلي ڪيس ۾ ظاهر

پوليس عمر شر کي 5 ڊسمبر جي ايڪتا ريلي جي ڪيس ۾ ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو، ضمانت تي آزاد

فيض گنج (ن ڪ) پڪا چانگ ويجهو ڳوٺ علي شر مان 2 ڏينهن اڳ ڪنڀي گر ڪيل نوجوان عمر شر جي پوليس 5 ڊسمبر تي نڪتل ايڪتا ريلي واري ڪيس ۾ گرفتاري ظاهر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته پوليس عمر شر کي مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو، جنهن کي شخصي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو آهي، عمر شر جي گهر پهچڻ تي وارثن ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي، هوڏانهن ڪنڀي گر ڪيل صدام شر ۽ اياز لطيف شر جو اڃا پتو نه پيو آهي، سندن بازيابي لاءِ وارثن ۽ جسقم ڪارڪنن احتجاج جاري رکيو آهي، ياد رهي ته عمر شر جي پاءُ سندس گمشدگي خلاف درخواست عدالت ۾ داخل ڪرائي هئي.

شڪارپور ضلعي ۾ "ڄاڳڻ" کي ٽائون جو درجو ڏيارڻ لاءِ عابد پيرو جو ناصر شاهه سان رابطو

ڊي لميٽيشن ڪاميٽي جي ليٽر تي ڊي سي شهر بابت گائيڊ لائين خاطر لوڪل گورنمينٽ کاتي کي ليٽر اماڻي ڇڏيو

شڪارپور (ن ڪ) شڪارپور ضلعي اندر نئون ٽائون جوڙڻ وارو مامرو مونجهاري جو شڪار بڻيل آهي، شڪارپور ضلعي لاءِ جڙيل ڊي /صفحو 9 ڪالم 4

بخشاپور پرسان زمين جي مالڪي تان جهيڙو، 18 ڄڻا زخمي

ڳوٺ رسول بخش چاچڙ ۾ چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

بخشاپور (ن ڪ) ڳوٺ رسول بخش چاچڙ ۾ چاچڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو، جهيڙي دوران لٺين ۽ ڪهاڙين لڳڻ سبب آدم چاچڙ، شعبان چاچڙ، راشد چاچڙ، حميد چاچڙ، قدرت /صفحو 9 ڪالم 4

سجاول جوڻيجو پرسان مبينا گولي لڳڻ سبب نوجوان زخمي، الزام ۾ صحافي چاچو گرفتار

سجاول جوڻيجو (ن ڪ) سجاول جوڻيجو پرسان ڳوٺ ڦلڙي ۾ مبينا پستول جي گولي لڳڻ سبب لاڙڪاڻي واسي نوجوان آصف تنيو زخمي ٿي پيو. اهڙي واقعي جي اطلاع سجاول جوڻيجو پوليس پهچي زخمي کي ٿاڻي تي آڻي علاج لاءِ ليٽر ڏئي ميروخان اسپتال موڪليو ويو. زخمي آصف تنيو چيو ته چاچي عابد تنيو پستول جا فائر هنيا ۽ گولي هٿ ۾ لڳي آهي. هوڏانهن گرفتار صحافي عابد تنيو ٻڌايو ته منهنجو ڀائيٽن سان سگهارتي جو مامرو هو جنهن تان مون کي فونن تي ڌمڪيون ڏيندا رهندا هئا. اڄ پنهنجي پستول مان ئي ڪيس گولي لڳي آهي. هوڏانهن پوليس رابطي تي ٻڌايو ته چاچي ڀائيٽي ۾ جهيڙو ٿيو آهي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا.

ٿل پرسان ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 4 ڄڻا زخمي، ٻن جي حالت نازڪ

ٿل (ن ڪ) ٿل ويجهو اسٽيشن روڊ تي ڪبڙ موڙ وٽ تيز رفتار ڪار ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ عبدالحميد، غلام حسين، سميع الله جمالي ۽ سڌير احمد اوڍ زخمي ٿيا. زخمين کي ٿل جي سرڪاري اسپتال ۾ آندو ويو، جتان ٻن ڄڻن جي حالت نازڪ هجڻ ڪري کين لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو.

"گيسيفائر اسٽوو" چلهو... !

سياري ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ جي آزار جو خاتمو

- ✱ نه گئس جو انتظار، ٻري ڪلاڪن جا ڪلاڪ، سولر ۽ بيٽري تي به ڪاڻو تيار
- ✱ گئس جي ڳرن بلن مان جوٽڪارو، هزار رپين جي ٻارڻ تي سڄو مهينو ڪاڌا پچايو
- ✱ ڪاٺ جي ٽڪرن تي به چلهو ٻري وڃي، دونهين مان به جوٽڪارو
- ✱ محفلن ۾ مچ ٻارڻ جي تڪليف مان به جان آجي، گيسيفائر چلهو رکو ۽ خوبصورت محفل کي پرسڪون طريقي سان انجواءِ ڪريو.

سڄي سنڌ ۾ وڪري لاءِ موجود

هوم ڊليوري جي سهولت به موجود

رابطي لاءِ: 0307-2791674

NEW Allied School

Banglow No. A/3 Baldia Colony Near Mubarak Colony City Hyderabad

STAFF REQUIRED

(only for the Hyderabad City Candidate)

Position	Experience	Qualification
Vice Principal (Female)	5 Year Experience	Masters + B.ED
Academic Supervisor (Female)	5 Year Experience	M.SC, M.A, MBA
Pre-School and All Subject Female Teachers from Grade 1 to 8 (Math, Science, English, Computer etc)	3 Year Teaching Experience	Graduation, Masters or Montessori Diploma Must be Command over Spoken English

BIGGEST DISCOUNT OFFER FOR ADMISSION
Class PG to 8th for Session 2022
NO ADMISSION FEE, NO SECURITY DEPOSIT, NO ADMINISTRATIVE CHARGES
PICK AND DROP SERVICE, TRAINED STAFF AND HIGHLY QUALIFIED TEACHERS
100% FREE ADMISSION
WhatsApp Your CV at 0333-2851970 or
email: imrankhattak024@gmail.com before 1st March 2022

رستم ويجهو پسند جي پرڻي بعد قتل ٿيل ناري جي ڪيس جو مک جوابدار گرفتار

مختلف ٿاڻن جي پوليس ڪوٽ شاهو علائقي ۾ ڪارروائي ڪري جوابدار گل نواز پنهوار کي گرفتار ڪيو

لکي غلام شاهه (نمائنده خصوصي) رستم ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمود پنهوار واسڻ پسند پرڻي بعد قتل ٿيل ناري افسانہ پنهوار جي قتل /صفحو 9 ڪالم 6

ميان صاحب پرسان قتل ٿيل نوجوان جي تدفين، ڪيس داخل نه ٿيو

ڳوٺ بادل سنجراڻي ۾ هٿياربندن هٿان مارجي ويل ظفرالله سنجراڻي جو مڙهه دفنايو ويو

ميان صاحب (ن ڪ) ميان صاحب پرسان ڄاڳڻ ايٽ همايون ٿاڻي جي حد ڳوٺ بادل سنجراڻي ۾ گهر اندر مبينا طور هٿياربندن جي /صفحو 9 ڪالم 4

ڪامريڊ عبدالرئوف ڪوسو سياسي، سماجي ۽ ادبي جدوجهد جو نالو هو: مديجي ويجهو سالگرهه تقريب

هو مارڪسي نظريي جو سچو پيروڪار هو، هن ڪڏهن به ڪنهن مير، پير ۽ وڏيري جي غلامي نه ڪئي: مقرر

مديجي (ن ڪ) ٿاناليواري ترقي پسند سياسي اڳواڻ ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار ڪامريڊ عبدالرئوف ڪوسو جي 50 هين سالگرهه ڳوٺ مبارڪ خان ڪوسو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ رڪ ۽ عبدالرئوف ڪوسو يادگار ڪاميٽي پاران ڪٺيل طور ملهائي وئي. تقريب ۾ زندگي جي مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي جتي اڳواڻن شاعر ۽ استاد ساگر محمد حسين مهر، وزير علي ٻومڪي لياقت علي ڪوسو، جانثار ڪوسو، محمد ياسين شيخ عاشق ٻومڪي، صحافي محمد ياسين مهر، پ پ پ يوٿ ونگ ڳڙهي ياسين جي تعلقي صدر ظفر ڪوسو، غمنار دل صحافي ۽ ليکڪ انيس ٻاڳي بلوچ، علي مراد ڪوسي، سعيد دل، منظور حسين، انعام الله ۽ ٻين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ عبدالرئوف ڪوسو سياسي سماجي ۽ ادبي جدوجهد جو نالو هو، هو مارڪسي نظريي جو سچو پيروڪار هو ۽ آخر تائين ان نظريي تي بيٺو رهيو ۽ ڪنهن ذاتي مفاد لاءِ پير مير وڏيري ۽ جاگيرداري جي غلامي نه ڪئي، هن سنڌ سميت سڄي دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم طبقي لاءِ آواز اٿاريو ۽ عملي جدوجهد پڻ ڪئي هو جيستائين زنده هو سڄي علائقي اندر سياسي سماجي ۽ ادبي شعور پکيڙيندو رهيو، سياسي ۽ سماجي دنيا کانسواءِ منفرد ڪهاڻيون لکيون آخر ۾ ڪامريڊ جي ڪهاڻين جو ڪتاب ۽ سندس سياسي سماجي جدوجهد تي مشتمل ڪتاب پڻ ڇپرائڻ جو اعلان ڪيو ويو، آخر ۾ سندس مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي وئي.

ٽنگواڻي ۾ قتل جي خوف ۾ وَرتل ٿل واسي زال مڙس ۽ ٻارڙن جو مظاهرو

منهنجي گهرواري تي سندس پاءُ ڪارنهن جو الزام هڻي قتل ڪرڻ چاهين ٿا: نورالله ٽوناري

ٽنگواڻي (ن ڪ) ٽنگواڻي ۾ ٿل جي ڳوٺ ڪريم بخش ڳولو واسي حليمان خاتون ۽ مڙس نورالله ٽوناري ٻارڙن سميت مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي نورالله ٽوناري ٻڌايو ته منهنجا پاءُ گل حسن ۽ نور حسن ٽوناري پاڻن سميت منهنجي گهرواري تي ڪارنهن جو ڪوڙو الزام مڙهي قتل ڪرڻ چاهين ٿا، هنن چيو ته اسان تحفظ لاءِ عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪرائي آهي پر ان جي باوجود جوابدارن خلاف ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي. اسان اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بخشاپور پرسان زمين جي مالڪي تان جهيڙو، 4 ڄڻا زخمي

بخشاپور (ن ڪ) بخشاپور ويجهو مياڻي ٿاڻي جي حد پٽا پڪٽ وٽ ڏنگر ۽ ملڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ لٺيون لڳڻ ڪري ملڪ برادري جا 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ عبدالحڪيم ملڪ عبدالرشيد ملڪ سميت 4 ڄڻا شامل آهن جن کي وارثن ڪٺائي مياڻي ايٽ بدائي ٿاڻي تي آندو جتان پوليس ليٽر ڏئي بخشاپور اسپتال منتقل ڪيو ويو.

سکر ۾ صالح پٽ واسين جو بااثر جوابدارن خلاف احتجاج، نينگر تي تشدد جو الزام

سکر (بيورو رپورٽ) صالح پٽ ويجهو سنگرار ڦاٽڪ واري علائقي جي رهواسي اميد علي چوهاڻ پنهنجي گهرواري اربيلي چوهاڻ ۽ معصوم نينگر ليمون کي جهولي ۾ کڻي سکر پريس ڪلب ٻاهران پيءُ جي قاتلن جي عدم گرفتاري ۽ جوابدار طرفان ملندڙ ڌمڪين خلاف احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته 1986ع ۾ برادري جي جوابدارن منهنجي والد واحد بخش چوهاڻ کي قتل ڪيو هو، قتل واقعي جا پوليس جوابدار گرفتار ناهن ڪيا، 3 ڏينهن اڳ جوابدار گهر ۾ داخل ٿي قتل ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪايو انڪار ڪرڻ تي جوابدارن مون کي ۽ گهرواري کي سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد معصوم ٻارڙي ليمون کي تشدد ڪري ان جون ٻه ٽنگون ڀڃي فرار ٿي ويا. بااثر جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي.

پيرڳوٺ ويجهو رولو ڪتن معصوم نينگر کي ڏاڙهي وڌو، ويڪسين نه ملي، خيرپور منتقل

پيرجوڳوٺ (ن ڪ) پيرڳوٺ ويجهو ڳوٺ غلام محمد /صفحو 9 ڪالم 5

مديجي ويجهو رولو ڪتن عورت سميت 3 ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

مديجي (ن ڪ) مديجي سميت پرڀاسي جي ڳوٺن /صفحو 9 ڪالم 3

خيرپور ويجهو ڪتن گاهه ڪري گهر وينداڙ عورت کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

خيرپور (ن ڪ) خيرپور پرسان ڳوٺ دارا واهڻ ۾ زمين /صفحو 9 ڪالم 3

ڏکڻ ويجهو گهر ۾ چوري جي ڪوشش، فائرنگ، گهر ڌڻي زخمي

ڏکڻ(ن ڪ) ڏکڻ پرسان غلام شاهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ /صفحو 9 ڪالم 3

سيتاروڊ ۾ دڪان جا تالا ڪٽيندي هڪ چور سوگهو، هٿياربندن جي موري ميڪرن کان ڦر

سيتاروڊ (ن ڪ) سيتاروڊ جي جانوري باڙي ۾ وسير /صفحو 9 ڪالم 6

اعلان

اڄوڪي ڪاوش اخبار 10 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ سنڌي مئگزين "ڪاوش دنيا" پڻ شامل آهي. جڏهن ته اخبار جي قيمت ساڳئي 30 رپيا آهي

ادارو

خانپور ۽ پرياسي ۾ رولو ڪتن عورت ۽ ٻارڙي سميت 6 ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

خانپور (ن ڪ) خانپور شهر ۽ پرياسي جي مختلف ڳوٺن ۾ رولو ڪتن حملا ڪري خانپور شهر /صفحو 9 ڪالم 3

ماٿيلي عدالت پاران ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 2 سال قيد جي سزا

ميرپورماٿيلو (ن ڪ) فرسٽ سول جج جوڊيشنل مئجسٽريٽ اينڊ ماڊل ڪورٽ ميرپورماٿيلو /صفحو 9 ڪالم 6

ڏکڻ ويجهو مبينا باهه، 3 گهر الهه تلهه سميت سڙي ويا، متاثرن پاران مخالفن تي الزام

ڏکڻ (ن ڪ) ڏکڻ ويجهو غلام شاهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ ميرل خان ڪڪراڻي ۾ چنچر واري رات جو دير سان ڪڪراڻي برادري جي گهرن کي مبينا طور باهه لڳڻ سبب 3 ڪکاوان گهر سڙي ويا، باهه ۾ اناج، روڪ رقم سميت گهرن ۾ پيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو، جڏهن ته باهه متاثرن مخالفن تي گهرن کي باهه ڏيڻ جو الزام هنيو آهي، ان موقعي تي احتجاج ڪندي متاثر ڳوٺاڻن عورتن سميت دانهيندي غفار ڪڪراڻي، اسحاق ڪڪراڻي، صغريٰ خاتون، زاهده خاتون ۽ حليما خاتون ۽ ٻين چيو ته واري ڪٽڻ جي معاملي تان اسان جو پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن سان تڪرار هلندڙ آهي، جنهن تان مخالف رات دير سان اسان /صفحو 9 ڪالم 7

خانپور ۾ هوٽلن، دڪانن ۽ چورائن تي پوليس چڙهائي، 8 ڄڻا ڪنبجي ويا

پوليس ڪارروائي دوران شهر ۾ ڏهڪاءُ، وارثن جو احتجاج، بيڏوهي آزاد ڪيا ويندا: پوليس

خانپور (ن ڪ) خانپور ٿاڻي جي پوليس خانپور شهر جي مين بازار جي هوٽلن، دڪانن ۽ چورائن تي چڙهائي ڪري تلاشي ورتي /صفحو 9 ڪالم 4

سنڌ ۾ ڀاڻ جي ڪوٽ ختم نه ٿي، آبادگار سراپا احتجاج، عدالتن ۾ درخواستون داخل

خاڻوٽ وٽ چور ٽرالر مان ڀاڻ جون 40 ٻوريون لاهي ويا، پوليس الٽو ڊرائيور کي لاڪپ ڪيو

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ ڀاڻ جي ڪوٽ ختم نه ٿي سگهي آهي، جنهن خلاف آبادگارن مختلف شهرن ۾ احتجاج ڪيو ۽ عدالت /صفحو 9 ڪالم 4

لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ بار جي چونڊن ۾ پيپلزپارٽي جا حمايتي اميدوار ڪامياب

صدارت تي صفدر علي غوري ۽ جنرل سيڪريٽري امان الله لهر وڏيڪ ووٽ کڻي ڪامياب ٿيا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڊسٽرڪٽ بار لاڙڪاڻو جون چونڊون ايڊيشنل سيشن جج رٽرننگ آفيسر حفيظ الرحمان جي نگراني ۾ ۽/صفحو 9 ڪالم 3

ڪشمور جي ڪچي مان اغوا ٿيل اوباوڙي واسي همراهه بازياب

ماچي پتڻ وٽ پوليس هرڪجي اغوا ٿيل نادر حسين شيخ کي بازياب ڪرايو

ڪشمور (ن ڪ) ڪشمور جي ڪچي مان 25 ڏينهن اڳ عورتاڻي آواز تي هرڪجي اغوا ٿيل اوباوڙو واسي نادر شيخ بازياب ٿي ويو، خبر موجب ڪشمور پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته مياڻي ٿاڻي جي حد ۾ ماچي پتڻ /صفحو 9 ڪالم 3

KTN
هوالا جمالو
سنڌ جو سڀ کان وڏو گيم شو
FRI - SUN | 8:05 PM
ONLY ON KTN ENTERTAINMENT
TO PARTICIPATE
CALL OR WHATSAPP US
TYPE YOUR "NAME"
"CNIC NO" "CONTACT NO"
AND SEND IT TO
0313-3089773

NICVD
NATIONAL INSTITUTE OF CARDIOVASCULAR DISEASES

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊزيزز

رفيقي (ايچ جي) شهيد روڊ ڪراچي

Tel. No. 3521-8530, 9920-1271-75 Ext. 419 & 335, Fax: 9920-1289 Website: www.nicvd.org

Ref: NICVD/TN/Khi/SC/No.16/21-22

اين آءِ سي وي ڊي هيلٿ ڪيئر نيٽ ورڪ لاءِ ٽينڊر نوٽيس

(هاسپيٽلز اينڊ چيسٽ پين يونٽس)

(اين آءِ سي وي ڊي ڪراچي، لاڙڪاڻو، ٽنڊو محمد خان، حيدرآباد، سيوهڻ، سکر، نوابشاهه، مٺي، خيرپور ۽ لياري)

ٽينڊر نمبر: 50, 51, 52, 53, 54, 55, 56/2021 ۽ ري ٽينڊر نمبر. 39, 40, 41, 43/2021

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر NICVD، ڪراچي ڏانهن لکيل مالي سال 2022-2021 واسطي هيٺين آئٽمز جي فراهمي لاءِ FOR بنيادن تي لازمي طور تي سيلز ٽيڪس کاتي سان رجسٽرڊ ٿيل، سٺي ساک وارين فرمن، سپلائرز، مجاز ڊسٽريبيوٽرز، سول ايجنٽس کان SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

نمبر شمار	تفصيل	ٽينڊر نمبر		امائن جي آخري تاريخ	ٽيڪنيڪل واڪن جي کولڻ جي تاريخ
01	ڊيسڪ ٽاپ ڪمپيوٽرز جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	50-2021	تعداد ۽ اسپيسيفڪيشنز ٽينڊر ڪاغذن ۾ موجود آهن	07-02-2022 سومر صبح 11:30 وڳي تائين	07-02-2022 سومر منجهند 12:00 وڳي
02	پرنٽرز جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	51-2021		07-02-2022 سومر صبح 11:30 وڳي تائين	07-02-2022 سومر منجهند 12:00 وڳي
03	ٽونرز جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	52-2021		07-02-2022 سومر صبح 11:30 وڳي تائين	07-02-2022 سومر منجهند 12:00 وڳي
04	آءِ ٽي واسطي يو پي ايس جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	53-2021		08-02-2022 اڱارو صبح 11:30 وڳي تائين	08-02-2022 اڱارو منجهند 12:00 وڳي
05	نيٽ ورڪ آئٽمز جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	54-2021		08-02-2022 اڱارو صبح 11:30 وڳي تائين	08-02-2022 اڱارو منجهند 12:00 وڳي
06	هارڊ ويئر اينسيلري آئٽمز جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	55-2021		08-02-2022 اڱارو صبح 11:30 وڳي تائين	08-02-2022 اڱارو منجهند 12:00 وڳي
07	فيس آءِ ڊي مشينز ۽ بايوميٽرڪ ڊوائيسز جي فراهمي ۽ تنصيب (تعداد فهرست موجب).	Re-Tender 39-2021		09-02-2022 اربع صبح 11:30 وڳي تائين	09-02-2022 اربع منجهند 12:00 وڳي
08	ليپ ٽاپ جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	Re-Tender 40-2021		09-02-2022 اربع صبح 11:30 وڳي تائين	09-02-2022 اربع منجهند 12:00 وڳي
09	سافٽ ويئر لائسنس جي فراهمي.	Re-Tender 41-2021		10-02-2022 خميس صبح 11:30 وڳي تائين	10-02-2022 خميس منجهند 12:00 وڳي
10	پي وي سي ايم آر ڪارڊ جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	Re-Tender 43-2021		10-02-2022 خميس صبح 11:30 وڳي تائين	10-02-2022 خميس منجهند 12:00 وڳي
11	هاسپيٽل آءِ ٽي انفرااسٽرڪچر آئٽمز جي فراهمي (تعداد فهرست موجب).	Re-Tender 56-2021		10-02-2022 خميس صبح 11:30 وڳي تائين	10-02-2022 خميس منجهند 12:00 وڳي

تفصيلي اسپيسيفڪيشن، شرطن ۽ ضابطن سميت مقرر ٿيل پروفارما اڪائونٽس کاتي مان (ٽيليفون نمبر-99201271 ايڪسٽينشن-333 واڪ ڊيمانڊ جي رڪيسٽ ليٽر عيوض) NICVD ڪراچي مان صبح 8:30 وڳي کان شام 04:00 وڳي جي وچ ۾ 1000 رپيا نقد ادائگي/ عيوض (ناقابل واپسي) هر هڪ ٽينڊر لاءِ ادائگي ڪرڻ عيوض 21جنوري، 2022 کان 04 فيبروري، 2022 تائين ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.

عليحده مالياتي ۽ ٽيڪنيڪل واڪ ٻن ڌار لفافن ۾ آفيس آف دي هيڊ آف پروڪيورمينٽ ۾ جمع ڪرائڻ گهرجن. ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل واڪ ٽينڊر باڪس ۾ صبح 8:30 وڳي کان صبح 11:30 وڳي جي وچ ۾ وجهي سگهجن ٿا. ٽيڪنيڪل واڪ مٿي ڄاڻايل تاريخ ۽ وقت تي NICVD جي ڪانفرنس هال/ چيئرمين روم ۾ ٽينڊر اوپننگ ڪميٽي ۽ شرڪت ڪندڙن جي موجودگيءَ ۾ منجهند 12:00 وڳي کوليا ويندا. مالياتي واڪ ڪجهه ڏينهن بعد ٽيڪنيڪل واڪن جي جنچاڻ ڪانپوءِ کوليا ويندا.

سمورن ٽينڊرن سان ڪل واڪ رقم جو 1% پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، اين آءِ سي وي ڊي ڪراچي جي نالي ۾ واڪ سيڪيورٽي طور موڪلڻ گهرجي.

پروڪيورمينٽ جو طريقو: سنگل اسٽيج- ٽوانيولپ طريقيڪار.

نوٽ:

1. جنچاڻ واري معيار جي سختيءَ سان پوئواري ڪئي ويندي.
2. هيءُ اشتهار SPPRA ۽ NICVD ويب سائيٽ تي پڻ موجود آهي.

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر



Capstone College
School of Physical Therapy
BECOME A DOCTOR
Affiliated with
University of Karachi
Doctor of Physical Therapy (DPT) 5 Years Degree Program (Session 2021-22)
ELIGIBILITY CRITERIA F.Sc (Pre-Medical) or A-level
12 years of education with at least 60% marks or equivalent as per IBCC
HEC RECOGNIZED CURRICULUM
Purpose Built DPT Program Campus spread over 1 Acre off main Maymar Avenue, Karachi.
SALIENT FEATURES
- Highly Qualified Faculty
- Fully Equipped Labs & Library
- Air Conditioned Class rooms
- Pre-Clinical & Clinical Exposure
- Huge Sports Ground
- Transport Facility
- Hostel Accommodation
- Parking & Safe Environment

admissions open
APPLY NOW!
Visit Campus or Apply online
Scholarships Available
ATTACHED WITH PATEL HOSPITAL
200 Bedded Hospital with all the facilities & well established Physical Therapy Department
0307 2277866
021-36880226-9
PAF KIET
Renowned project of PEF
PAKISTAN EDUCATION FOUNDATION
Supported by PEF with over 20 years experience in education
/CapstonecollegeDPT www.capstonecollege.pk Maymar Avenue, AS-2/1/3, Sector 2, Ahsanabad, Scheme 33, KHI.

SHAHEED BENAZIR BHUTTO
GIRLS CADET COLLEGE LARKANA
LAST DATE FOR REGISTRATION
5th February 2022
ADMISSION OPEN FOR GRADE 8
SESSION 2022-23
Entry Test Date
13th February 2022
Admission forms can be collected from SBBGCCL after paying registration fee of Rs.2000 or can be downloaded from official website www.sbbgccl.edu.pk and submit with demand draft of Rs. 2000 in favour of Project Director Shaheed Benazir Bhutto Girls Cadet College Larkana
ELIGIBILITY CRITERIA
1) Students who passed or likely to pass Grade 7 with minimum marks of 65% will be considered for written test.
2) Final selection will be done of merit, medical test and interview.
3) Candidate must be between 12 to 14 years of age on 30th March 2022.
4) Only Girls can apply.
SCHOLARSHIP DETAILS
Sindh Education Foundation (SEF) will award 20 merit - Based Scholarships for girls students with minimum latest three years of education from Sindh Government Schools or Sindh Education Foundation Assisted Schools
ENTRY TEST CENTERS
LARKANA ISLAMABAD
KARACHI NAWABSHAH
SUKKUR LAHORE
Contact: 074-4080460, 0330-2269908
Website: www.sbbgccl.edu.pk
Address: SBBGCCL Near Moen Jo Daro, Airport Road, Larkana